SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريہ 1975

SINDH ACT NO.I OF 1975

سنڌ لوڪل گورنمينٽ (ترميم) ايڪٽ، 1975

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ACT, 1975

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. سنڌ آرڊيننس II مجريہ 1972 جي دفعہ 4 جي ترميم

Amendment of section 4 of Sindh Ordinance II of 1972

3. سنڌ آرڊيننس XVIII مجريہ 1974 جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance XVIII of 1974

سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريہ 1975

SINDH ACT NO.I OF 1975

سنڌ لوڪل گورنمينٽ (ترميم) ايڪٽ، 1975

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ACT, 1975

[22 مارچ 1975]

سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 1972 ۾ وڌيڪ ترميم جو ايڪٽ

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 1972 ۾ هيٺين ريت وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي.

جيڪو هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:-

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

1.(1) هي ايڪٽ سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ (ترميم) ايڪٽ، 1975 سڏيو ويندو.

(2) اهو هڪدم نافذ ڪيو ويندو.

سنڌ آرڊيننس II مجريہ 1972 جي دفعہ 4 جي ترميم

Amendment of section 4 of Sindh

2. سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ 1972 ۾، دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (2) ۾، شق (b) لاءِ، هيٺين تبديلي ڪئي ويندي:-

"(b) لوڪل ڪائونسلن ۽ ميونسپل ڪاميٽين جا عملدار ۽ ايڊمنسٽريٽر، ان وقت تائين اهي خدمتون سرانجام ڏيندا رهندا، جيستائين صحيح معنيٰ ۾ جوڙيل ڪائونسلون هن حڪم نامي

تحت پنهنجو ڪم شروع ڪنديون، بشرطيڪ حڪومت ڪنهن کي بہ لڳل ڪائونسل يا ميونسپل ڪاميٽي جو آفيسر يا منتظم مقرر ڪري سگهي ٿي، صورتحال جيئن بہ هجي.

Ordinance II of 1972

3.سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1974 منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

سنڌ آرڊيننس XVIII مجريہ 1974 جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance XVIII of 1974

نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.